آخري زماني ۾ پيدا ٿيڻ وارن فتنن ۽ انهن کان
ڇوٽڪاري جي باري ۾ فڪرانگيز بيان

# هڪ اهڙو زمانو ايندو



پيشڪش

مرڪزي مجلس شوريٰ

آخري زماني ۾ پيدا ٿيڻ وارن فتنن ۽ انهن کان
ڇوٽڪاري جي باري ۾ فڪر انگيز بيان

# هڪ زمانو اهڙو ايندو

پيشڪش
مرڪزي مجلس شُوريٰ (دعوت اسلامي)

ترجمو پيشڪش

مجلس تراجم هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلس تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)
عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران
پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي
فون نمبر: 021-34921389-90-91
E-mail: translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# هڪ زمانو اهڙو ايندو[1]

## درود شريف جي فضيلت

رحمتِ عالَم، نُورِ مُجسَّم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عاليشان آهي: اوهان پنهنجي مجلسن کي مون تي درودِ پاڪ پڙهي سينگاريو ڇوته اوهان جو درود پڙهڻ قيامت جي ڏينهن توهان لاءِ نور هوندو. (جامع الصغير ص 280 حديث 4580)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مدني مُني جو خوف

اڌ رات جو هڪ ننڍڙو ٻار اوچتو بي چين ٿي اُٿي وينو ۽ ان جي اکين مان ننڍ اڏامي چڪي هئي. سندس پرسان سان سُتل والد صاحب جڏهن ان جي اها اضطرابي ڪيفيّت محسوس ڪئي ته ڳڻتي جوڳي لهجي ۾ پڇڻ لڳو: او منهنجا پٽ! ڇا ڳالهه آهي؟ ڇا ڪٿي درد آهي ته ٻڌاءِ؟ ڇوڪري چيو: بابا سائين! اهڙي ته ڪا ڳالهه ناهي البت سڀاڻي جمعرات آهي، استاد صاحب سڄي هفتي جي سبقن جو امتحان وٺندو، ان ڪري مون کي اهو ڊپ سمهڻ نٿو ڏئي ته جيڪڏهن استاد صاحب غلطي تي پڪڙ ڪئي ته غصي منجهان

[1] مبلّغِ دعوتِ اسلامي، نگران مرڪزي مجلسِ شوريٰ حضرت مولانا حاجي ابوحامد محمد عمران عطّاري مَدَّظِلُّهُ العَالِی هي بيان 22 شوال المڪرَّم سنہ 1433ھ بمطابق 9 سيپٽمبر سنہ 2012ع تي دعوتِ اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ باب المدينہ (ڪراچي) ۾ فرمايو. 04 ذوالقعدة الحرام سنہ 1434 ھ بمطابق 11 جنوري سنہ 2013ع تي ضروري ترميم ۽ اضافي کان پوءِ تحريري طور تي حاضر خدمت آهي. (شعبہ رسائل دعوت اسلامي مجلس المدينة العلمية)

مون کي ڏاڍو ماريندو. ڇوڪري جي ڳالھ ٻڌندي ئي فڪر آخرت جي ڪري والد صاحب جي وڏي رڙ نڪري وئي ۽ اهو پنهنجي نفس کي مخاطب ٿي روئندي چوڻ لڳو: ”هاءِ افسوس! منهنجي تہ سموري زندگي ئي سرڪشي ۽ پنهنجي ربّ جي نافرماني ۾ گذري وئي آهي مون کي تہ ان ننڍڙي جي بنسبت ان ڏينهن جو وڌيڪ خوف ۽ ڊپ هئڻ گهرجي جنهن ڏينهن سڄي زندگي جو حساب ڏيڻ جي لاءِ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ حاضر ٿيڻو آهي. (درة الناصحين ص 255 بتغير قليل)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ان حڪايت ۾ اسان جي لاءِ درس و عبرت جا بيشمار مدني گل آهن. اسان مان هرهڪ جيڪڏهن هن واقعي کي سامهون رکندي پنهنجي ۽ ان ٻار جي حالت جو جائزو وٺي تہ شايد هينيان نتيجا نڪرندا.

❁ ٻار کي تہ ڪجھ ڏينهن جي امتحان جو فڪر آهي پر اسان سڄي زندگي جي امتحان کان غافل!

❁ ان کي تہ استاد جي سزا جو خوف آهي پر اسان عذابِ الٰهي کان غافل.

❁ ان کي تہ هڪ ٻن غلطين جو فڪر آهي پر اسان خطائن جي گهڻائي جي باوجود بي فڪر.

❁ ان کي تہ دنياوي امتحان جي فڪر سڄي رات بيقرار ڪري ڇڏيو پر اسان آخرت جي امتحان جو عقيدو رکڻ جي باوجود غفلت جي چادر وجهيو، سڪون سان ستا پيا هجون.

غور تہ ڪيو! ڪٿي ائين تہ ناهي جو اسان دنيا جي محبّت ۾ مست ٻڌجي، آخرت کي وساري ويهي رهيا آهيون؟ ڪٿي ائين تہ ناهي جو اسان دولت ميڙڻ واري جنجال ۾ ڦاسي حساب و ڪتاب

وساري وينا آهيون؟ ڪٿي ائين تہ ناهي جو اسان مخلوق جي محبت ۾ گرفتار ٿي ياد الٰهي کان غافل ٿي چڪا آهيون؟ ڪٿي ائين تہ ناهي جو اسان گناهن ۾ غرق ٿي ڪري توبه کي وساري وينا آهيون؟ ڪٿي ائين تہ ناهي جو اسان عاليشان جاين جي تعميرن ۾ مصروف ٿي آخرت جي سڀ کان پهرين منزل يعني قبر کي وساري ڇڏيو آهي؟

## پنجن سان محبّت ۽ پنجن کان غفلت

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي ڪتاب ”نيڪي جي دعوت“ جي صفحي 33 کان 34 تي لکن ٿا: غفلت کان بيدار ڪرڻ واري نيڪي جي دعوت تي مشتمل پنج مدني گل ملاحظ فرمايو. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”سَيَأْتِيْ زَمَانٌ عَلٰى أُمَّتِيْ يُحِبُّوْنَ خَمْسًا وَيَنْسَوْنَ خَمْسًا“ منهنجي امت تي اهو زمانو جلد ايندو جو اهي پنجن سان محبت رکندا ۽ پنجن کي وساري ڇڏيندا:

﴿1﴾ يُحِبُّوْنَ الدُّنْيَا وَ يَنْسَوْنَ الْاٰخِرَةَ. دنيا سان محبت رکندا، آخرت کي وساري ڇڏيندا.

﴿2﴾ وَيُحِبُّوْنَ الْمَالَ وَيَنْسَوْنَ الْحِسَابَ. مال سان محبت رکندا ۽ (آخرت جي) حساب کي وساري ڇڏيندا.

﴿3﴾ وَيُحِبُّوْنَ الْخَلْقَ وَيَنْسَوْنَ الْخَالِقَ. مخلوق سان محبت رکندا خالق کي وساري ڇڏيندا.

﴿4﴾ وَيُحِبّوْنَ الذُّنُوْبَ وَيَنْسَوْنَ التَّوْبَةَ. گناهن سان محبت رکندا ۽ توبہ کي وساري ڇڏيندا.

﴿5﴾ وَ يُحِبُّوْنَ الْقُصُوْرَ وَيَنْسَوْنَ الْمَقْبَرَةَ محلات سان محبت رکندا ۽ قبرستان کي وساري ڇڏيندا. (مكاشفة القلوب ص 34)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! موجوده دؤر قيامت جي نشانين ۽ ان کان پهريان ظاهر ٿيندڙ بيشمار فتنن سان لبريز آهي. هر نئون ڏينهن نئين قيامت جي علامت ۽ نون نون فتنن سان ظاهر ٿئي ٿو اها ڪيتري وڏي ستم ظريفي آهي جو جنهن امت جا حقيقي خيرخواه حضور نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي ظاهري زندگي ۾ فتنن واري دور جي هولناڪين جي باري ۾ فڪرمند رهندا هئا جو آزمائشن، پريشانين ۽ فتنن جي ان هولناڪ زماني ۾ منهنجي امت ڪٿي راهِ حق کان ٿڙي نه وڃي. اڄ ان امت جا فرد انهن فتنن ۾ پئجي پنهنجن ئي هٿن سان دين و ديانت، حق و امانت ۽ پاڻ ۾ محبّت و شرافت جو بنا سوچڻ سمجهڻ جي قتل عام ڪري رهيا آهن، تنهنڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته هر طبقي سان تعلق رکڻ وارن اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن تائين رحمتِ عالم، نور مجسّم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا اهي فرمان مبارڪ پهچايا وڃن جنهن ۾ پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ”هڪ اهڙو زمانو ايندو“، ”قيامت جي ويجهن نشانين منجهان آهي“، ”قيامت ان وقت تائين قائم نه ٿيندي“ يا ان جهڙا ٻيا الفاظ ارشاد فرمائي پنهنجي علم غيب جي ذريعي 14 سؤ سال پهريان ان موجوده ۽ ايندڙ دور جي فتنن جي پيشن گوئي فرمائيندي اسان کي انهن جي اڀرندڙ شعلن کان پنهنجو دامن بچائڻ جي ترغيب ڏياري آهي. اچو برڪت ۽ عبرت حاصل ڪرڻ جي لاءِ چند حديثون ۽ انهن جي شرح ۽ وضاحت ۾ علماءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام جا ارشاد ملاحظ فرمايو:

# ﴿1﴾ گهروارن جي هٿان هلاڪت

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّه عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”ماڻهن تي هڪ اهڙو زمانو ايندو جو ان شخص کان سواءِ ڪنهن ديندار جو دين محفوظ نہ رهندو جو پنهنجي دين جي حفاظت خاطر هڪ جبل کان ٻئي جبل ۽ هڪ غار کان ٻئي غار ڏانهن ڀڄندو. ان وقت معيشت جو حصول اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کي ناراض ڪرڻ سواءِ نہ هوندو. جڏهن اها صورتحال ٿيندي تہ ماڻهو پنهنجي گهرواري ۽ ٻارن جي هٿان هلاڪ ٿيندو، جيڪڏهن گهرواري ۽ ٻار نہ هوندس تہ والدين جي هٿان ان جي هلاڪت ٿيندي ۽ جيڪڏهن والدين بہ نہ هوندس تہ ان جي هلاڪت رشتيدارن يا پاڙيسرين جي هٿان ٿيندي.“ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: ”يا رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ! اهو ڪيئن ٿيندو؟“ پاڻ ڪريمن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”اهي هن کي معيشت جي تنگ هئڻ تي عار ڏياريندا، ان وقت اهو پنهنجو پاڻ کي هلاڪت وارين جاين ڏانهن وٺي ويندو. (الزهد الكبير للبيهقي ص 183، حديث 439)

هن حديث پاڪ تي خصوصًا اهي اسلامي ڀينرون غور ڪن جيڪي پنهنجن مڙسن کي سندن آمدني تي قسمين قسمين جا طعنا ڏينديون آهن هن طرح جون اجايون ڳالهيون ڪنديون آهن: ”فلاڻ ايڏو وڏو گهر نهرايو آهي، فلاڻ ڪيڏو خوشحال ٿي ويو آهي، تون بہ تہ ڪجهہ ڪر، تنهنجي تنخواه نهايت ٿوري آهي ان مان تہ گهر جو خرچو بہ پورو نٿو ٿئي وغيره وغيره.“ ۽ مڙس ملازمت ۽ ڪاروبار کان جيئڻ ئي ٿڪو ٿڪو گهر ايندو آهي تہ ان وقت پنهنجون

فرمائشون ۽ ٻارن جون شڪايتون ڪري ان ڪي مالي حالات ڪان بيزار ۽ ذهني ٽينشن ۾ مبتلا ڪري ڇڏينديون آهن. پوءِ نتيجو هي نڪرندو آهي تہ ويچارو مڙس ان جي طعنن ڪان بچڻ ۽ ان جي گهٽين فرمائشن پورين ڪرڻ لاءِ حلال و حرام جي پرواهہ ڪرڻ سواءِ دولت حاصل ڪرڻ جي وبال ۾ ڦاسي، مجبورًا ناجائز طريقا اختيار ڪندو آهي، جيئن تہ ايندڙ زماني ۾ ظاهر ٿيندڙ فتنن جي باري ۾ هڪ هي حديث شريف بہ آهي.

## ﴿2﴾ حلال ۽ حرام مال جي باري ۾ لاپرواهي

حضرت سيدنا ابوهريره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ ڪان روايت آهي تہ رحمت عالم، نور مجسّم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ”ماڻهن تي هڪ اهڙو زمانو ايندو جو هن ڳالهہ جي ڪا پرواهہ نہ هوندي تہ ان (مال) ڪٿان حاصل ڪيو حرام مان يا حلال مان.“ (بخاري شريف ج 2 ص 7 حديث 2059)

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَیۡہِ رَحۡمَۃُ الحَنّان هن حديث پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: ”يعني آخري زماني ۾ ماڻهو دين ڪان لاپرواهہ ٿي ويندا، پيٽ جي فڪر ۾ هر طرح سان ڦاسي پوندا، آمدني وڌائڻ، دولت گڏ ڪرڻ جو فڪر ڪندا، هر حرام و حلال ونڻ تي دلير ٿي ويندا جهڙي طرح اڄڪلهہ عام آهي.“

(مرآة المناجيح ج 4 ص 229)

## حرام مال جو وبال

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حلال روزي ڪائڻ ۽ حرام روزي ڪان پاڻ ڪي ۽ پنهنجي گهرواري ۽ ٻچن ٻارن ڪي بچائڻ جي لاءِ علم دين سکڻ ۽ حلال ۽ حرام جو فرق ڄاڻڻ نهايت ضروري آهي. ياد رکو! جيڪڏهن ماءُ پيءُ، ڀيڻ ڀاءُ، گهرواري ٻارن يا قريبي رشتيدارن جي

اجاين خواهشن جي پورائي ۽ انهن جي طعنن کان بچڻ جي لاءِ حلال ۽ حرام جي پرواهه ڪرڻ کان سواءِ مال ۽ دولت ميڙيندا رهيا ۽ علم دين سکي سنتن جي مطابق انهن جي تربيّت نه ڪئي ته متان ائين نه ٿئي جو سياڻي قيامت واري ڏينهن اها ئي گهرواري ۽ ٻار ٻچا اوهان جي خلاف بارگاهه الاهي ۾ مقدمو داخل ڪن.

## بارگاهه الٰهي ۾ دعويٰ

حضرت سيدنا فقيہ ابواللّيث سمرقندي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی نقل ڪن ٿا: مروي آهي ته مرد سان تعلق رکڻ وارن ۾ پهريان ان جي گهرواري ۽ ان جو اولاد آهي، اهي سڀ (ٻار ٻچا قيامت ۾) الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ عرض ڪندا ته اي اسان جا ربّ عَزَّوَجَلَّ! اسان کي انهيءَ شخص کان پنهنجو حق ڏيار، ڇوته انهيءَ ڪڏهن اسان کي ديني معاملن جي تعليم نه ڏني ۽ اسان کي حرام کارائيندو هو جنهن جي اسان کي خبر نه هئي پوءِ ان شخص کي حرام ڪمائڻ تي ايترو ته ماريو ويندو جو ان جو گوشت ڇڻي ويندو، وري ان کي ميزان (يعني عملن جي تارازي) وٽ آندو ويندو، ملائڪ جبل جيترين ان جون نيڪيون کڻي ايندا ته ان جي عيال (يعني ٻارن ٻچن) مان هڪ شخص اڳتي وڌي چوندو: ”منهنجون نيڪيون گهٽ آهن“ ته اهو ان جي نيڪين منجهان ڪڻندو پوءِ ٻيو اچي چوندو: ”تو مون کي وياج کارايو هو“ ۽ ان جي نيڪين مان ڪڻندو، اهڙي طرح ان جا گهروارا ان جون سڀ نيڪيون کڻي ويندا ۽ اهو پنهنجي اهل و عيال ڏانهن حسرت و مايوسي منجهان ڏسي چوندو: ”هاڻي منهنجي ڪلهن تي اهي گناهه ۽ ظلم رهجي ويا آهن جيڪي مون اوهان جي لاءِ ڪيا

هئا.“ (ان وقت) ملائڪ چوندا: ”هي اهو (بدنصيب) شخص آهي جنهن جون نيڪيون ان جا گهر وارا کڻي ويا ۽ اهو انهن جي ڪري جهنم ۾ داخل ٿيندو.“ (قرة العيون ص 401)

غور ڪريو! ان شخص جي بدنصيبي جي ڪهڙي حالت هوندي جنهن جون سڀئي نيڪيون ان جا گهر وارا حاصل ڪري نجات ماڻيندا ۽ اهو پاڻ ڪنگال ٿي ويندو. تنهن ڪري غنيمت ڄاڻندي غفلت جي ننڊ مان بيدار ٿيو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فرمانبرداري وارن ڪمن ۾ لڳي وڃو، ڪٿي ائين نہ ٿئي جو نيڪيون ڪرڻ اسان جي لاءِ سخت ڏکيون ٿي پون چوتہ الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ اهڙي وقت جي نشاندهي بہ ڪئي آهي جنهن ۾ سنت تي عمل ڪرڻ، دين تي قائم رهڻ ۽ ان راهہ ۾ اچڻ وارين تڪليفن تي صبر ڪرڻ ڏاڍو مشڪل ٿيندو. انهيءَ سلسلي ۾ 2 فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهو ۽ پنهنجي پاڻ کي قرآن و سنّت جو پابند بڻائڻ جي ڪوشش ڪريو.

## ﴿3﴾ سنتن تي عمل ڪرڻ ٽانڊو ڪڻڻ جي مثل هوندو

﴿1﴾ رحمتِ عالم، نور مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”اَلْمُتَمَسِّكُ بِسُنَّتِيْ عِنْدَ اِخْتِلَافِ اُمَّتِيْ كَالْقَابِضِ عَلَى الْجَمْرِ“ يعني امت جي (فتني ۽ فساد جي وقت منهنجي سنّت تي عمل ڪرڻ وارو ٽانڊي ڪڻڻ واري وانگر هوندو. (نوادر الاصول، الجزء الاوّل ص 68 حديث 87)

﴿2﴾ الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: ”يَاْتِيْ عَلَى النَّاسِ زَمَانٌ الصَّابِرُ فِيْهِمْ عَلٰى دِيْنِهٖ كَالْقَابِضِ عَلَى الْجَمْرِ“

يعني ماڻهن تي اهڙو زمانو ايندو جو انهن ۾ پنهنجي دين تي صبر ڪرڻ وارو ٽانڊو جهلڻ واري جيان هوندو. (ترمذي ج 4 ص 115 حديث 2267)

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الحَنّان هن حديث پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: ”اهو زمانو قيامت جي ويجهو هوندو جنهن جي شروعات اڄ ٿي چڪي آهي. اڄڪلهه ديندار بڻجي رهڻ مشڪل آهي. اڄ ڏاڙهي رکڻ، نماز جي پابندي ڪرڻ مشڪل ٿي ويو آهي. وياج کان بچڻ ته تقريبًا ناممڪن ٿي آهي.“ وڌيڪ فرمائن ٿا: ”جيئن هٿ ۾ ٽانڊو رکڻ تمام وڏي صبر واري جو ڪم آهي اهڙي طرح ان وقت مخلص، ڪامل مسلمان بڻجڻ سخت مشڪل ٿي پوندو.“ (مرآۃ المناجيح ج 7 ص 172)

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دين تي هلڻ وارن جي لاءِ آزمائش

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مفتي صاحب جي بيان ڪيل شرح ۾ اسان جي لاءِ تمام وڏو عبرت جو سامان آهي ۽ اهو انهن پنهنجي دور جي باري ۾ تقريبًا پنجونجاهه (55) سال پهريان فرمايو ۽ هاڻي ته ان کان ڪئي ڀيرا وڌيڪ پرفتن ۽ بي عملي جو دور آهي. هي ڳالهه ڪنهن کان لڪل ناهي ته اڄڪلهه جيڪي اسلامي ڀينرون برقعو پائن ٿيون، شرعي پردو ڪن ٿيون ۽ شريعت و سنّت جي مطابق زندگي گذارڻ چاهين ٿيون انهن لاءِ ۽ پڻ جيڪي اسلامي ڀائر سنتن ڀريو لباس اپنائڻ، پنهنجي مٿي تي سبز عمامي جو تاج سجائڻ ۽ سنتن جو پيڪر بڻجي شريعت و سنّت جي پابندي ڪرڻ چاهين ٿا ۽ ديانتداري سان پنهنجي فرائض منصبي کي نڀائيندي

حلال روزي ڪمائڻ چاهين ٿا انهن جي لاءِ سخت آزمائش آهي. هڪ پاسي تہ معاشري جا فرد انهن ويچارن کي هر طرح سان ستائين ٿا، انهن جي دل آزاري ڪن ٿا، انهن جي حوصلہ شڪني ڪن ٿا ۽ وري ٻئي پاسي صالح عملن جي ادائگي ۾ نفس و شيطان رُخنو وجهن ٿا. شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيِ دعوتِ اسلامي حضرت علّامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي هڪ ڪلام ۾ انهن حالات جي ڪجهہ هن ريت عڪاسي فرمائي آهي.

تری سنّت پہ چلتا ہوں تو طعنے لوگ دیتے ہیں
شہنشاہِ مدینہ ! نفس بھی مجھ کو ستاتا ہے (وسائل بخشش ص 139)

## خود انصاف ڪريو !

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! انسان کان غلطيون ٿينديون رهن ٿيون ليڪن افسوس جوڳي ڳالهہ هي آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن مذهبي ۽ دين تي عمل ڪرڻ واري شخص کان ڪا غلطي ٿي وڃي تہ ان کي ڏاڍو نروار ڪيو ويندو آهي، اهڙي طرح اسلام ۽ شريعت و سنّت تي هلڻ وارن کي بدنام ڪيو ويندو آهي، جنهن سان ماڻهن جي دلين ۾ انهن لاءِ نفرت پيدا ٿيندي آهي، نتيجي ۾ عوام انهن کان مُتَنَفِّر ٿيندو آهي، انهن کي حقارت جي نگاهہ سان ڏسندو آهي ۽ پنهنجي دنيا ۽ آخرت برباد ڪندو آهي. اهڙي پُرفتن دؤر ۾ دين تي قائم رهڻ، نماز، روزي جي پابند اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن کي وڌيڪ محتاط رهڻ گهرجي. دعوت اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي مدني گُلن ۾ آهي: ”معمولي بي احتياطي بہ ڪڏهن ڪڏهن وڏي نقصان جو سبب بڻبي آهي جيڪڏهن واقعي اوهان

مدني ڪم ڪرڻ چاهيو تا تہ جيستائين شريعت حڪم نہ ڏئي هرگز ڪنهن سُنّي کي پنهنجو مخالف نہ بڻايو. اوهان جي چال چلت کي ماڻهو غور سان ڏسندا هوندا تنهن ڪري ڪو اهڙو ڪم نہ ڪيو جو دعوتِ اسلامي تي آڱر کڄي.“ بهرحال احتياط جي باوجود مشڪلاتون هجن، ماڻهو طعنا ڏين يا گهر وارا سنتن جي مطابق زندگي گذارڻ ۾ رڪاوٽون وجهن تہ گهبرائڻ نہ گهرجي جو جنهن ڪم ۾ زياده مشڪلاتون هونديون آهن تہ ان جو ثواب بہ زياده هوندو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ 2 حديثون ملاحظ فرمائي خوش ٿيو.

﴿1﴾ ڪشف الخفاء ۾ آهي: ”اَفْضَلُ الْعِبَادَةِ اَحْمَزُهَا“ يعني افضل ترين عبادت اها آهي جنهن ۾ زحمت زياده هجي. (ڪشف الخفاء ج 1 ص 141)

﴿2﴾ سرڪار مدينہ، قرار قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي: جيڪو امت جي فساد جي وقت منهنجي سنّت کي مضبوطي سان وٺي ان کي سؤ شهيدن جو ثواب ملندو.

(الزهد الڪبير للبيهقي الجزء الاوّل ص 118 حديث 207)

مُفسّر شهير حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنّان انهيءَ حديث پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: ”جڏهن تہ شهيد هڪ دفعو تلوار جو زخم ڪائي پار ٿي ويندو آهي پر هي الله (عَزَّوَجَلَّ) جو ٻانهو سڄي عمر ماڻهن جا طعنا ۽ زبانن جا گهاءُ جهليندو رهندو آهي. الله (عَزَّوَجَلَّ) ۽ رسول (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي خاطر سڀ ڪجھ برداشت ڪندو آهي. ان جو جهاد، جهادِ اڪبر آهي جيئن هن زماني ۾ ڏاڙهي رکڻ، وياج کان بچڻ وغيره.“ (مرآة المناجيح ج 1 ص 173)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿4﴾ ظاهر ۾ دوست، باطن ۾ دشمن

ايندڙ زماني ۾ ظاهر ٿيڻ وارن فتنن جي باري ۾ هڪ حديث شريف ۾ آهي تہ حُضُور نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”آخري زماني ۾ ڪي اهڙا ماڻهو بہ ٿيندا جيڪي ظاهر ۾ دوست هوندا ۽ باطن ۾ دشمن“ عرض ڪيو ويو: ”يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اهو ڪيئن هوندو؟“ ارشاد فرمايائون: ”(پنهنجي دنيا ڪي بهتر بڻائڻ جي لاءِ) هڪ ٻئي جي طرف رغبت (لالچ) ۽ هڪ ٻئي کان ڊڄڻ جي ڪري هوندو.“

(مسند احمد ج 8 ص 244 حديث 22116)

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحَنّان انهيءَ حديث پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: ”قيامت جي ويجهو اهڙا ماڻهو ٿيندا جيڪي پنهنجون نيڪيون ظاهري طور پسند ڪندا تہ جيئن ماڻهو انهن جي واهہ واهہ ڪن. اڪيلائي ۾ هڪ تہ عمل نہ ڪندا، جيڪڏهن ڪندا تہ معمولي طريقي سان.

(وڌيڪ فرمائن ٿا تہ) انهن ماڻهن جي دلين ۾ الله (عَزَّوَجَلَّ) جو خوف، الله (عَزَّوَجَلَّ) جي ذات ۾ اميد نہ هوندي يا گهٽ هوندي، ماڻهن جو خوف، ماڻهن ۾ اميد انهن تي غالب هوندي. هن فرمان عاليشان ۾ علماء، عابد، زاهد، سخي، مجاهد وغيره سڀئي داخل آهن. هر عمل اخلاص سان قبول ٿيندو آهي. اشعة اللمعات ۾ آهي تہ انهيءَ ۾ اهي بہ داخل آهن جيڪي ماڻهن سان ظاهري محبت ڪندا ۽ اها بہ غرض جي لاءِ، جڏهن غرض نڪري ويندو تہ دوستي بہ ختم ٿي ويندي.“

(مرأة المناجيح ج 7 ص 140)

# منهنجي لاءِ ڪهڙو عمل ڪيو؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مسلمان جو هر ڪم الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ هئڻ گهرجي، ايستائين جو جيڪڏهن ڪنهن سان دوستي رکي ته به الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا خاطر ۽ دشمني رکي ته به الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ. مروي آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ هڪ نبي وٽ وحي موڪلي ته فلان زاهد (پرهيزگار) کي چئو ته تنهنجو زهد ۽ دنيا کان بي رغبتي پنهنجي نفس جي راحت آهي ۽ سڀ کان جدا ٿي ڪري مون سان تعلق رکڻ اها تنهنجي عزّت آهي جيڪو توتي منهنجو حق آهي ان جي بدلي ۾ تو ڪهڙو عمل ڪيو؟ عرض ڪيائين: ”اي منهنجا ربّ! اهو ڪهڙو عمل آهي؟“ الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمايو: ”ڇا تو منهنجي ڪري ڪنهن سان دشمني ڪئي ۽ منهنجي باري ۾ ڪنهن ولي سان دوستي ڪئي؟“

(حلية الاولياء ج 10 ص 337 حديث 15384)

تنهن ڪري اسان کي به گهرجي ته دوستي ۽ دشمني، محبت و نفرت ۽ پڻ هر قسم جي گڏيل تعلقات ۾ رضاءِ الٰهي کي پيش نظر رکون جيڪي خوشنصيب الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ هڪ ٻئي سان دوستي رکندا آهن، انهن کي مبارڪ هجي ته اهڙا ماڻهو حديث جي حکم مطابق نه صرف ڪاملُ الايمان آهن بلڪ الله عَزَّوَجَلَّ انهن کي قيامت واري ڏينهن گڏ ڪندو پڻ اهي خوشنصيب عرش جي چوڌاري ياقوت جي ڪرسين تي ويهندا ۽ جنّت ۾ ياقوت جي ٿنين تي مشتمل زبرجد جي مٿانهين طبقي تي انهن جا ٺڪاڻا هوندا. انهيءَ سلسلي ۾ 4 فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظ فرمائي، خوش ٿيو.

# رضاءِ الٰهي جي لاءِ محبّت ڪرڻ وارن جي جزا

﴿1﴾ جيڪو شخص ڪنهن سان الله عَزَّوَجَلَّ جي (رضا) لاءِ محبّت رکي، الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ دشمني ڪري ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ڏئي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ منع ڪري، ان پنهنجو ايمان ڪامل ڪري ڇڏيو.

(ابوداؤد ج 4 ص 290 حديث 4681)

﴿2﴾ ٻن شخصن الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ پاڻ ۾ محبت ڪئي ۽ هڪ اوڀر ۾ آهي، ٻيو اولهه ۾، قيامت جي ڏينهن الله عَزَّوَجَلَّ ٻنهي کي گڏ ڪندو ۽ فرمائيندو: ”هي ئي (اهو) ماڻهو آهي جنهن سان تو منهنجي لاءِ محبّت ڪئي هئي.“ (شعب الايمان ج 6 ص 492 حديث 9022)

﴿3﴾ الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ محبت رکڻ وارا عرش جي چوڌاري ياقوت جي ڪرسي تي هوندا. (المعجم الڪبير ج 4 ص 150 حديث 3973)

﴿4﴾ جنّت ۾ ياقوت جا ٿنڀ آهن انهن تي زبرجد جا محل آهن، اهي اهڙا ته روشن آهن جيئن چمڪندڙ تارا. ماڻهن عرض ڪيو: ”يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! انهن ۾ ڪير رهندو؟“ فرمايائون: ”اهي ماڻهو جيڪي الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ پاڻ ۾ محبت رکندا آهن، هڪ جاءِ تي ويهندا ۽ پاڻ ۾ ملندا آهن.“ (شعب الايمان ج 6 ص 487 حديث 9002)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان جيڪي ماڻهو الله عَزَّوَجَلَّ جي خاطر هڪ ٻئي سان محبّت رکن ٿا الله عَزَّوَجَلَّ سڀاڻي قيامت جي ڏينهن انهن کي ڪهڙا ڪهڙا انعام عطا فرمائيندو پر افسوس! اڄڪلهه اسان جي معاشري ۾ مفاد پرستي ايتري قدر ته عام ٿي چڪي آهي جو دنياوي معاملات هڪ پاسي، هاڻي ته ديني معاملن ۾ به ماڻهو پنهنجو غرض ۽ پنهنجو مفاد تلاش ڪندا وتندا آهن مثال طور سلام کي ئي ونو، جيڪو نه رڳو اسان جي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ

